# پاڻ مراديون ڳالهڙيون


## مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘



**طالب المولىٰ اڪيڊمي**

2022ع




(جملي حق ۽ واسطا محفوظ)


**ڪتاب جو نالو:** پاڻ مراديون ڳالهڙيون

**شاعر:** مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ سروري

**موضوع:** شاعري

**ڪمپوزنگ:** دانش پير ڪمپوزرس، حيدرآباد

**تعداد:** 1000

**ڇاپو پهريون:** مئي 1988ع

**ڇاپو ٻيو:** 2022ع

**ڇپائيندڙ:**

**ڇاپيندڙ:**

**قيمت:**

**ڏس:** 1- A_8 يونٽ-3 لطيف آباد حيدرآباد

2- مخدوم سعيدالزمان پوسٽ آفس هالا ضلع حيدرآباد

# ترتيب

سعيدل جي ڪتاب لاءِ — مخدوم طالب المولىٰ
----- — مخدوم سعيدالزمان 'عاطف'
**ڪافيون**
**رباعي**
**قطعا**
**مستزاد**
**غزل**



# سعيدل جي ڪتاب لاءِ

منهنجو پنجون نمبر فرزند غلام حيدر عرف سعيدالزمان 14-10-1962ع تي تولد ٿيو، الحمدالله. الله ڪيس واقعي سعيد بنايو آهي. پاڻ سنڌي ۽ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ کان اڳ ۾ قرآن شريف پڙهيائين ۽ لائق ٿيڻ بعد منهنجي مهمان خاني ۽ بورچي خاني جي سنڀال ۾ مددگار ٿيو ۽ ڪير واري مال جي به نظرداري ڪندو رهيو. پوءِ البته ڪجهه عرصي لاءِ ڪراچي ۾ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ واسطي رهيو ۽ پوءِ موٽي هالين آيو. جڏهن منهنجا ٻيا فرزند پنهنجي پنهنجي زمينداري ڪمن ۾ مصروف ٿيا ته ان بعد وري به ساڳيا ڪم حوالي ڪيا ويا جي بخوبي سنڀاليندو رهي ٿو.

منهنجي روزانه عوامي ڪمن جي بيحد وڌي وڃڻ ۽ منهنجي طبيعت پوري ٺيڪ نه هئڻ سبب منهنجي مجبوري ڪي ڏسي پاڻ هفتي جا چار ڏينهن يعني سومر، اڱارو، اربع ۽ خميس منهنجي ڪمن ۾ منهنجي مدد لاءِ ازخود مقرر ڪيا آهن، جنهن سببان مون تان ڪافي بار گهٽيو آهي. منهنجي دعا آهي ته شال هميشه ساڳي طرح بلڪ زياده مددگار ثابت ٿئي. آمين. آءٌ ڪيس پيار مان "سعيدل" چوندو آهيان.

جڏهن 1980ع ۾ شاعري شروع ڪيائين ته مون کان پنهنجي واسطي تخلص جي طلب به ڪيائين ته ڪيس "عاطف" تخلص ڏنم، انهي سال (1980ع) ۾ 18 غزل لکيائين، 1981ع ۾ 84 غزل، 1982ع ۾ 32 غزل، 1983ع ۾ چار غزل، 1984ع ۾ 2 غزل، 1985ع 1 غزل، 1986ع ۾ 1 غزل ۽ 1987ع ۾ به 1 غزل لکيائين.

عاطف جي شاعري واري ذوق شوق هالا جي شاعري واري خاموش فضا ۾ چُرپُر پيدا ڪئي ۽ ورهن کان بند ٿيل شاعري کي آزادگي ملي ۽ "مرڪزي بزمِ طالب المولىٰ" شاندار ڪنوينشن گهرايو. نه فقط ايترو بلڪ هر سال ڪنوينشن سڏائڻ جو سلسلو جاري ٿيو ۽ بزمِ طالب المولىٰ جي سلور جبلي به ملهائي وئي. نه رڳو ايترو پر "مرڪزي بزم طالب المولىٰ" جي آئين موجب سال ۾ چار ڀيرا "انتظاميه ڪائونسل" جون گڏجاڻيون به شروع ٿيون. انهي سرگرمي هالا جي شاعرانه بي حس ماحول ۾ به نئون روح پيدا ڪيو ۽ نوان نوان شاعر وجود ۾ اچڻ لڳا ۽ جهونا شاعر به نئين جوش ساڻ ميدان ۾ آيا. مگر افسوس سان لکڻو پوي ٿو ته عاطف صاحب في الحال شاعري ڪرڻ بند ڪري ڇڏي آهي، البته مشاعرن ۾ شرڪت ڪندو رهي ٿو.

عزيزي سعدل اگرچ منهنجو شاگرد آهي مگر سندس شاعري نرالي ۽ ذاتي خيالن واري آهي، نه سندس شاعري ۾ ڪاپي آهي نه چوري ۽ نه ئي استاد جي اهل. غزل ۾ سندس زبان، سندس تخيل ۽ سندس خاص انداز آهي. مٿي جيڪي به لکيو اٿم اهو بلا خوشامد ۽ بلاتڪلف جي لکيو اٿم. عاطف جي غزل جي هڪ هي خوبي به آهي ته ان ۾ مصنوعيت ناهي هر پڙهندڙ سندس خيال پنهنجي حال وٽان سمجهندو آهي.

**طالب المولىٰ**
**۱۵- سيپٽمبر ۱۹۸۷ع**
"باسٽن" آمريڪا



**ڪراچي**
**1987-6-3**

ڪائنات جي عظيم ترين حصي ۾ سنڌ ۾ آئون چوڏهين آڪٽوبر اوڻيهه سؤ ٻاهٺ ۾ ڄائس. زندگيءَ جي مختلف مرحلن مان گذري جڏهن اوڻيهه سؤ ستهتر ۾ پهتس ته ان وقت آئون گذريل ڇهن ستن سالن جي ذاتي مشڪلاتن سبب يقيناً ناپسنديده شخص هئس.

اوڻيهه سؤ انهتر ۾ مون کي ڪائنات جي حسين نعمت ملي، جنهن کي دنيا پيار، محبت ۽ عشق جهڙا نالا ڏئي ٿي، ان پيار ڏيندڙ، محبت ڪندڙ دلربا مون مان آهستي آهستي سڀ عيب ڪيڍڻ شروع ڪيا ۽ سچ اهو آهي ته مون هن جي ئي ڪري هر برائي ڇڏي ۽ هن جي ئي احساس ڏيارڻ ڪانپوءِ مون پنهنجو فرض سمجهي والدين جي خدمت ڪئي ۽ مختلف زميندارين سنڀاليون. منهنجي شاعري به ان جي ئي عطا ڪيل آهي.

فقط
**(مخدوم سعيدالزمان 'عاطف')**
هالا نوان

# پاڻ مراديون ڳالهڙيون

(٢)

توکان يار جدا، هيڻا حال ٿيا، سڪندي ڪئين سال ويا.
پنهنجي اُلفت پيارا هميشہ رهي،
پلي پاڻ سان دنيا ٿهي نہ ٿهي،
هر دم ڪريان دُعا.
پنهنجي زلفن سان تو قيد ڪيو،
پنهنجي نظر سان مونکي ماري ڇڏيو،
ڪيڏهن ويندس پلا.
مون ڪئي آهي توسان ئي وفا،
پنهنجي چاهت ۾ ڪا ناهي جفا،
وعدا پُورا ڪبا.
چاهيان ٿو صنم تون جلدي ملين،
۽ عمر سڄي مون سان گڏجي رهين،
پُڄندو نيٺ خدا.
هر وقت پيو تنهنجون واٽون ڏسان،
تنهنجي ئي سهاري تي پيو جيان،
ايندين ڪڏهن مِتا.
ڏينهن رات صنم تنهنجي ياد اٿم،
دل توکان سِوا ناشاد اٿم،
چاهت پاريا ٻَنا.
تنهنجي جلون ڪئي منهنجي دلڙي چري،
جي نہ ايندي تہ '**عاطف**' ويندو مري،
جلدي اچ دلربا.

**٩- فيبروري ١٩٨١، هالا**



(٣)

تون اگر مون سان سهڻا جي گڏجي رَهين،
هر قدم تي رکو توکي مان پيار ڏيان،
توکان تنهنجا سڀئي درد ۽ غم وٺي،
پنهنجي هر ڪا خوشي توکي ڏيئي ڇڏيان.

مون ٿي چاهيو مِلي مون کي هڪ مهربان،
جنهن جي اُلفت تان پنهنجي ڪيان دل فدا،
پيار جي بدلي مون سان ڪري پيار هو،
۽ بنايان انهيءَ کي مَجازي خُدا،
سو خُدا مون کي مليو سندءِ روپ ۾،
چاهيان ٿو سدا گڏجي تو سان رهان.

هر گهڙيءَ ياد تنهنجيءَ ۾ ڦٿڪان پيو،
دوُر تو کان صنم وقت گذري نٿو،
هر طرف يار توکي ئي مان ٿو ڏسان،
تو سوا منهنجي دل ۾ نہ آهي ڪو پيو،
چاهيان ٿو تہ جيسين بہ زنده رهان،
توکي پنهنجي گلي سان لڳائي جِيان.

آهي توسان سڄڻ منهنجي هر ڪا خوشي،
توکي آهي مون سمجهيو سندم زندگي،
رات ڏينهن ياد تنهنجي رهي ٿي صنم،
تنهنجي ديدار کي سمجهان ٿو مان بندگي،
جي سوا تنهنجي ڪنهن پئي ڏي آئون وڃان،
ان گهڙيءَ کان وٺي جڻ تہ ڪافر ٿيان.

پنهنجي نازڪ نظر سان ڦُتي تو ڇڏيو،
زخم ان جي تہ آهين رکو تُون دَوا،
پنهنجي ٻانهن ۾ مون کي هميشہ تون رک،
مون کي هرگز نہ خود کان ڪجئين تون جُدا،
تنهنجي ٻانهن سان ٻانهون ملائي جيان،
۽ وري تن ئي ٻانهن ۾ آئون مران.

تنهنجي جلون ڪيو آهي مون کي چريو،
تنهنجي ئي پيار ۾ مست آهيان صنم،
هر گهڙي تنهنجي يادن ۾ گم ٿو رهان،
دور مون کان رهي ڇو ڪرين ٿو ستم،
هاڻ تنهنجي جدائي سهڻ آ ڏکي،
جي نہ ايندين تہ مشڪل آ زنده بچان.

منهنجي دل ۾ تہ آهين رکو تون سڄڻ،
مون کي مدهوش تنهنجي ڪري ٿي نظر،
آهيان جسم مان، منهنجي آهين تون جان،
تون ئي آهين اي سهڻا سندم همسفر،
جڏهن توکي ڏسان ٿو اي ماهِ لقا،
بي خوديءَ مان ٿو پيارا مان توڏي وڃان.

ڳوڙها اکڙين مان منهنجي ڪِريا ڪونہ پر،
ياد توکي ڪري دل ئي دل ۾ رنم،
ڪيترو وقت هڪ ٻئي کان رهبو پري،
مون کي ڳاري پيو هڪ اهوئي تہ غم،
سوچيان پيو شڪايت ڪريان توسان ڪيئن،
سُور دل جا سِوا تنهنجي ڪنهن کي ڇَوان.



مُون تي مهرون ڪري اچ هِتي دلربا،
منهنجو توکان سوا پيو نہ ڪنهن ۾ ڪو ڪم،
دل تہ '**عاطف**' جي پهرين کان آهي چري،
هاڻ ٿينديون وڃن ٿيون هي اکڙيون بہ نم،
تنهنجي آهي جدائي گهٽائي مون ستي،
هاڻ جلدي هلي آ تون اي جانِ جان.

٢١- فيبروري ١٩٨١

## (۴)

ڏک لِڪائي کِلو مسڪرائي مِلو،
سوچيو زندگيءَ ۾ سَڀن جو ڀلو.

هي زمانو اصل ڪان رکي ساڙ ٿو،
جو ٻين سان رهي خوش سَڙَنِ ۾ آ ڪو،
پو ٻين جي خوشين ڪان نہ هرگز جلو.

خوش رهڻ لئہ ٻين جي نہ ڦريو خوشي،
زندگيءَ ۾ سڀن سان رکو دوستي،
۽ ٻين کي نہ ڏک ڏئي پو خوش ٿي ٽلو.

ڪنهن بہ انسان جي دل نہ ٽوڙڻ ڪپي،
۽ چڱائي سڀن لاءِ سوچڻ ڪپي،
هر ڀلائيءَ جو آخر تہ ملندو صلو.

جو ٿئي زخم ٿو ان جي ملندي دوا،
نيٺ هڪ ڏينهن پنهنجي بہ ٻڌندو خُدا،
درد سهندي بہ رکبو سدا حوصلو.

غم نہ جنهن ۾ مليا زندگي ڇا اها،
۽ ڏکن جي پٺيان ٿا ملن سک سدا،
نيٺ پنهنجو بہ هڪ ڏينهن ٿيندو ڀلو.

آخرڪار هڪ ڏينهن مرڻو بہ آ،
ساري سنسار کي خوش تہ ڪرڻو بہ آ،
زندگيءَ ۾ سڀن سان رهائي هلو.

ظلم جيڏو بہ ٿئي اک ڪڏهن نم نہ ٿئي،
ڪنهن جي سامهون بہ ظاهر اهو غم نہ ٿئي،
زخم دل اي '**عاطف**' وساري ڪلو.

٦- مارچ ١٩٨١، هالا



## (۵)

سَوَ ڀيرا ستم سهبو توکي نہ ڪڏهن ڇڏبو،
دنيا جي اصولن کي ٺڪرائي هليو اچبو.

هر وقت ڏسان توکي گڏجي مان رهان توسان،
قدمن ۾ مران تنهنجي ۽ عمر جيان توسان،
توکي ئي ڏسڻ کان پو ڪيئن ٻئي ڏي ڀلا ڏسبو.

تولاءِ تہ دولت ڇا دنيا بہ ڇڏي ڏيندس،
ٺڪرائي اصولن کي توڏي ئي سڄڻ ايندس،
دنيا سان ٽڪر رهندو هرگز نہ قدم رکبو.

دنيا جو تہ ڪم آهي دل پيار ڀري ٽوڙڻ،
عشاق جو ڪم آهي دنيا ئي سڄي موڙڻ،
دنيا کي ڇڏي جاني توڏي ئي رڳو وڃبو.

هي زخم ڏنو آ تو ۽ تون ئي دوا آهين،
هن ساري زماني ۾ تون منهنجو مٺا آهين،
ٿي دل هي چوي منهنجي تنهنجو ئي سدا رهبو.

توکي ئي ڏسڻ چاهيان تو سان ئي رهڻ چاهيان،
توسان ئي جيئڻ چاهيان تو وٽ ئي مرڻ چاهيان،
اقرار آ '**عاطف**' جو الفت جو ڀرم رکبو.

١٣- مارچ ١٩٨١، هالا

(٦)

محبت جو مهراڻ هر هڪ پل ۾ چوليون ماري،
منهنجي بدن ۾ رچيل آهي تنهنجي سچڻ سرهاڻ،
دلبر سائين دل هي چوي ٿي مونکي سدا رک ساڻ،
دنيا ته عُقبا به ڇڏي ڏيان منڙا تنهنجي ڪاڻ،
منهنجي دل ۾ تون ئي آهين توکي سچي آ ڄاڻ،
دلڙي ڦٿڪي يار چوي ٿي دور آهين ڇاڪاڻ،
تون ئي منهنجو سپڪجهه آهين ٻئي جي ڪيان ڇو ڪاڻ،
’**عاطف**‘ جو ايمان آهين تون رهه نه مونکان اڻ ڄاڻ.

٢٢- مارچ ١٩٨١، هالا



(٧)

جيسين جيئرو آهيان توسان پيار ڪبو،
توکي خود کان ڪڏهن به نه ڌار ڪبو.

توکي مون ڪي ڏسيو ٿا ماڻهو سڄڻ،
اڪثر ٿا پاڻ سان حسد رکن،
پنهنجي اُلفت ڪي ٿا ڏوهه چون،
هي ڏوهه سچڻ هر بار ڪبو.

آهي پياري سچڻ تنهنجي اک جي اٽي،
وئين اکڙيون ملائي دلڙي ڪٺي،
مونکي تنهنجو قسم ڏاڍو ٿو وٺي،
توکي ياد سدا سهڻا يار ڪبو.

تون دل جي هر ڌڙڪن ۾ آهين،
منهنجي اکڙين ۾ ٿو تون ئي وسين،
منهنجي ذهن تي پڻ ڇانيل ٿو رهين،
سوچيان پيو ڪڏهن ديدار ڪبو.

پنهنجي پريت سچڻ مان نڀائيندس،
توڏي ئي قدم پيو وڌائيندس،
تو لءِ واٽون واجهائيندس،
پنهن جو پورو هر اقرار ڪبو.

تون ’**عاطف**‘ آهين مُنهنجا منا،
توکي ياد ڪريان ٿو صبح و مسا،
اچ مون وٽ تون اي ماهِ لقا،
تو بن ير ڪيئن سينگار ڪبو.

١٥- اپريل ١٩٨١، هالا

# رباعي

ڪو شوخ حسين منهنجو ٻہ مطلوب آهي،
دنيا ۾ رهي دنيا ڪان هو خوب آهي،
آئون ٻہ فقط هن جو ئي آهيان هر دم،
’**عاطف**‘ سان رڳو هوئي تہ منسوب آهي.

**٢- مئي ١٩٨١**، هالا



# قطعا

(١)

جو تون نہ آهين صنم پوءِ ڪا خوشي ڪيئن ٿئي،
ڏِسان نہ توکي تہ پو منهنجي بندگي ڪيئن ٿئي،
مون عُمر ساري رڳي تنهنجي نالي آهي ڪئي،
جي تون ٻہ دور رهين پوءِ زندگي ڪيئن ٿي.

**٦- سيپٽمبر ١٩٨١**، هالا

(٢)

مُحبت ۾ دنيا سان ٽڪرائڻو آ،
زماني سڄي کي پو ٽڪرائڻو آ،
سمّيرا ۽ ’**عاطف**‘ ڪڏهن ڏار ناهڻ،
خدا جي خُدائيءَ ڪان ڇَورائڻو آ.

**٦- سيپٽمبر ١٩٨١**، هالا

(٣)

تو ڳهُنڊ وجهي جو ڏنو ان کي تنهنجو پيار چيم،
وري ڪلي جو ڪنيئي نيڻ سا ٻهار چيم،
لڳائي سيني سان مون کي لبن مان پياري چڏيئي،
وري خود ئي پيءِ ٽڙئين اُن کي بس خمار چيم.

**٦- سيپٽمبر ١٩٨١**، هالا

(٤)

لَبن تي لالي ڏِٺم ۽ گُلاب ياد آيو،
جو رُخ تان پردو هَٽيو ماهتاب ياد آيو،
نگاهِ ناز کي شرمائي تو جو هيٺ ڪيو،
پراڻو دل ۾ لڪايل ڪو خواب ياد آيو.

**٢٥- سيپٽمبر ١٩٨١**، حيدرآباد

(۵)

اي رشڪِ جام نظر سان پيار پيو مون کي،
مان تر هُجان ۽ تون ماڻن سان مار پيو مون کي،
سنڌءِ گلي سان لڳي نيم خواب مان ٿي وڃان،
وري سنڀالي صنم تون سنوار پيو مون کي.

۶- سيپٽمبر ۱۹۸۱، هالا

(۶)

هڪ مهرخ سان منسوب آهيان،
محبوب جو مان محبوب آهيان،
جو مون کان وڌيڪ مون کي پيارو،
اُن دلبر کي مطلوب آهيان.

۲۸- سيپٽمبر ۱۹۸۱ع، هالا

(۷)

صنم جنهن واٽ تان گذري سا رشڪِ ڪهڪشان ٿي پئي،
رکي جِت هو قدم پنهنجو اهو هنڌ آسمان ٿي پئي،
اگر گلزار مان گذري ته گلشن گلفشان ٿي پئي،
وڃي ويراني ۾ گر هو ته سو پڻ گلستان ٿي پئي.

۲۹- سيپٽمبر ۱۹۸۱، هالا

(۸)

هُجي ڪو پنهنجو ته اُن سان ڪٽي ڳِلا به ڪجي،
وفا نه ڄاڻي جو، اُن بي وفا کي ڇا چئجي،
وڇوڙو پيار ۾ پئدا ته آهي مولئٰ ڪيو،
هُجي ڪو انسان ته چئجي خدا کي ڇا چئجي.

۲۹- نومبر ۱۹۸۱، هالا



# مستزاد

ورتو آ، هِن جهان ۾ تولاءِ مون جنم. منهنجا مٺا صنم،
مون تي نه تون ڪجائين هرگز ڪڏهن ستم. منهنجا مٺا صنم.

تنهنجي ڪري اي دلبر سيڪجهه ڇڏي ڏنم. آهي سنڌءِ قسم،
توڏي ئي پيو وڌايان سهڻا سدا قدم. منهنجا مٺا صنم.

تنهنجي ئي ديد منهنجي دلبر ٿي بندگي. توسان سندم خوشي،
مون تي رهيو آ تنهنجو سهڻا سدا ڪرم. منهنجا مٺا صنم.

تون ئي سندم محبت آهين جهان به تون. ۽ گلستان به تون،
توسان ئي آهي منهنجو وابسته هرڪو دم. منهنجا مٺا صنم.

توبن جيان اي جاني ممڪن اهو نه آ. جاڻي ٿو هڪ خدا،
لب نام تنهنجو چوندا پل سر ٿئي قلم. منهنجا مٺا صنم.

مون کي جيئڻ جي لئه ير تنهنجي وفا کپي. اي جان دوا کپي،
منهنجو ته هن جهان ۾ تنهنجي ئي دم سان دم. منهنجا مٺا صنم.

پل پيار جا مخالف ڪئين ڪوششون پيا ڪن. ٽوڙي نٽا سگهن،
’**عاطف**‘ ته رهندو تنهنجو هرگز نه ڪر تون غم. منهنجا مٺا صنم.

۸- فيبروري ۱۹۸۲، ڪراچي

# غزل

مان جڳ ۾ فقط تولاءِ آهيان، تولاءِ جيان تولاءِ مَران،
تون منهنجي حياتيءَ جو مقصد، تون آهين منهنجو دلبر جان.

مان ڪنهن جي پروا ڇو ڪريان، توتان هيءَ جان ٻه گهوري ڇڏيان،
مون ورتو فقط تولاءِ جنم، تولاءِ پيو راهون واجهايان.

مان آهيان رڳو تنهنجو ئي صنم، ٻي ڪنهنجو مونسان ڪجهه ناهي،
تون آهين رڳو منهنجو ئي مٺا، ڏينهن رات فقط تولاءِ رڙان.

منهنجو يار ٻه تون منهنجو پيار ٻه تون، منهنجي دل جو سڄڻ دلدار ٻه تون،
تون شاد هجين آباد ٻه هجين، تولاءِ دعائون پيو ڪريان.

منهنجي جان ٻه تون ايمان ٻه تون، منهنجي دردن جو درمان ٻه تون،
مان زنده فقط تولاءِ آهيان، توڪي ئي ازل کان پيو سڏيان.

تون منهنجو هُئين منهنجو آهين، مان تنهنجو هئس تنهنجو آهيان،
هيءَ دنيا ڪري ٻه نه سگهندي جدا، تون رک مولئ ۾ يقين اي جان.

مان آهيان تون، تون آهين مان، هن دنيا جي پروا ڇو ڪريان،
دنيا ته اسان جي آهي جُدا، پنهنجي دل کي تون مضبوط ڪجان.

تون آهين صنم ساقي منهنجو، مان آهيان رڳو عاشق تنهنجو،
ارمان سندم آ، هيُ دل ۾، تنهنجي ٻانهن ۾ مان هميشه هجان.

اچ يار سڄڻ هاڻ دير نه ڪر، دم آهي فقط اکڙين ۾ بچيل،
تنهنجون راهون پيو مان يار ڏسان، اچي '**عاطف**' کي تون دلاسو ڏجان.

۱- ڊسمبر ۱۹۸۰، هالا



(۲)

منهنجا سُهڻا صنم منهنجا پيارا صنم،
تنهنجي لاءِ آهي منهنجو ته هرڪو قدم.

توکي ڏسندو رهان توسان ڪلندو رهان،
توسان ڪريان پيار آئون پيو دمبدم.

توکي ڏسندي اُداس آهيان بي چين مان،
تنهنجو آهي جو غم سو آ منهنجو ٻه غم.

تون سَلامت هُجين ۽ سدائين کِلين،
مان نه چاهيان ڏسڻ ٿو سنديءِ اکڙيون نم.

مان تنهنجي محبت ۾ آهيان ڪٺل،
تو سوا ڪونه پيو آهي ڪوئي سندم.

منهنجي جند جان تون منهنجو سر ساه تون،
آهيان تنهنجو صنم مون کي تنهنجو قسم.

آهين '**عاطف**' تون سهڻا ۽ حاڪم سندم،
تو لاءِ دنيا ڇڏڻ آهي آسان ڪم.

۱۰- ڊسمبر ۱۹۸۰، هالا

(۳)

منهنجا مُحب مٺا دلدار سڄڻ،
منهنجي اکڙين جا اي ٺار سڄڻ.

جي مون وٽ تون ناهين اي مِٺا،
هي تخت لڳن ٿا دار سڄڻ.

هي دنيا ڀلي بدنام ڪري،
پَرواه ناهي ڪا يار سڄڻ.

منهنجو آهي يقين خُدا ۾ سدا،
هو ڪڏهن نہ ڪندو سون ڌار سڄڻ.

هي وقت آ ٿورو جُدائيءَ جو،
پو آهن رڳو ئي پيار سڄڻ.

’**عاطف**‘ جا سُهڻا پيارا پِرين،
مون کي آهي سدا تنهنجي سار سڄڻ.

۱۳- ڊسمبر ۱۹۸۱، هالا



(۴)

جدا توکان جانب مان جي ڪونہ سگھندس،
الڳ توکان مٺڙا رهي ڪونہ سگھندس.

مان آهيان بدن تون سندم جان آهين،
سوا ساه تنهنجي ڪٽي ڪونہ سگھندس.

رڳو تنهنجون راهون ڏسان پيو مان مِٺڙا،
سوا تو سفر ۾ هلي ڪونہ سگھندس.

ڪري عشق ۾ تو چڙيو آهي قابو،
ٻئي ڪنهن سان ياري رکي ڪونہ سگھندس.

هلي آ تون هاڻي هميشہ لا مون وٽ،
جدائي سندءِ سهي ڪونہ سگھندس.

ازل کان ئي ’**عاطف**‘ اوهان جو آ سهڻا،
اوهان جو قسم آ ڦِري ڪونہ سگھندس.

۱۴- ڊسمبر ۱۹۸۰، هالا

(۵)

جدا توکان ٿي ڪيئن يار جيان،
تون ٻڌاءِ مون کي ڪيئن ساهه کڻان.

تو جي مون کي ڇڏيو اي يار مٺا،
پو ٿيندو ڇا ويهي ڏسجان.

دولت بنگلا ۽ ماڙيون ته ڇا،
تنهنجي خاطر دنيا کي ٻه ڇڏيان.

اي سُهڻا صنم اي مٺڙا صنم،
مون کي پاڙان جُدا هرگز نه ڪجان.

ڏک سُور هُجن تو کان دور سدا،
تنهنجي لاءِ دعا ڏينهن رات ڪريان.

آهي ’**عاطف**‘ جي دل جي هي صدا،
تو ساڻ صنم مان گڏجي رهان.

۱۴- ڊسمبر ۱۹۸۰، هالا



(٦)

آرزو منهنجي ديدِ محبوب آ،
منهنجي جند جان جو منسوب آ.

منهنجي دل کي هميشه کان ئي وڻي،
دلربا جو پيار مطلوب آ.

هن زماني کي آئون ڇو چاهيان،
منهنجي دل صرف هن ڏي مرغوب آ.

هن زماني ۾ حسن وارا هزار،
هو جهان ۾ سڀن کان ئي خوب آ.

جنهن بنايو آ مون کي ديوانو،
سو سندم يار ئي ته محبوب آ.

هن سڄي ساري ملڪ ۾ ’**عاطف**‘،
صرف مون ساڻ سو ئي منسوب آ.

۱۹- ڊسمبر ۱۹۸۰، هالا

(٧)

جڏهن عقل جي انتها ٿيندي آهي،
تڏهن عشق جي ابتدا ٿيندي آهي.

ڏئي عقل کي قلف ڏيو آ اڳتي،
وساري ڇڏيو دنيا چا ٿيندي آهي.

اگر عقل کان ڪم وٺڻ ٿا جي چاهيو،
ته پو پيار هڪڙي بلا ٿيندي آهي.

وڌائي قدم يک نه پو روڪبو آ،
تڏهن پيارا پوري وفا ٿيندي آهي.

جڏهن پرت ۾ پير پائي ٿو ڪوئي،
تڏهن کان ئي دنيا خفا ٿيندي آهي.

اگر پيار ۾ ڪنهن قدم کي جي روڪيو،
اهائي ته ان جي دغا ٿيندي آهي.

ڪري پيار پو دور دلبر رهن ٿا،
انهيءَ کان نه بدتر سزا ٿيندي آهي.

اگر عشق چاهين ته ڇڏ عقل کي تون،
انهيءَ سان وفا چا ادا ٿيندي آهي.

محبت متاهين سين کان آ '**عاطف**'،
سدا پيار ۾ دل صفا ٿيندي آهي.

۱۹- ڊسمبر ۱۹۸۰، هالا



(٨)

هڪ جسم نه پر هڪ جان آهيون،
پنهنجي دردن جو درمان آهيون.

تون مون ۾ آهين آئون تو ۾ آهيان،
پنهنجي پيار جو پڻ سامان آهيان.

نه تو مونکي ڇڏين نه آئون توکي ڇڏيان،
هڪ ٻئي جي ٻئي جند جان آهيون.

هڪ آهيون هڪ ٿي جيئنداسون،
هڪ جسم آهيون هڪ جان آهيون.

هڪ ٻئي وٽ ٿا هر وقت رهون،
هڪ ٻئي جو پيار ۽ شان آهيون.

تون منهنجو صنم مان تنهنجو آهيان،
هڪ ٻئي جو پاڻ ئي مانُ آهيون.

تون '**عاطف**' جو آئون تنهنجو رهان،
هڪ ٻئي جو پاڻ ارمان آهيون.

۱۹- ڊسمبر ۱۹۸۰، هالا

(۹)

زماني ۾ تنهنجو سجڻ مَٽ نہ آهي،
سنڌءِ سونهن منڙا ڪڏهن گهٽ نہ آهي.

تمنّا اٿم هي سدا خوش رهين تون،
سوا توکان جانب ڪو جهرمٽ نہ آهي.

رڳو رات ۽ ڏينهن توکي پڪاريان،
سنڌءِ پيار دل ۾ ڪڏهن گهٽ نہ آهي.

ازل کان وٺي آئون تنهنجو ئي آهيان،
سندم پيار ۾ ڪوبہ وٺ سٽ نہ آهي.

سجڻ آئون تنهنجو سدائين چوايان،
سندم دل ۾ تو لءِ ڪڏهن ڪٽ نہ آهي.

اوهان جو ئي آهيان اوهان جو ئي رهندس،
اوهان جو قسم ڪوبہ پيو گهٽ نہ آهي.

يقين آهي مونکي اتي تون ئي هوندين،
سندم لاءِ پيو ڪوبہ ڪو چٽ نہ آهي.

يقين رکجو هردم خدا ۾ اي سهڻا،
هي ’**عاطف**‘ اوهان جو ڪو چرپٽ نہ آهي.

۱۹- ڊسمبر ۱۹۸۰، هالا



(۱۰)

ڇَوين ٿو تون مونکي ڇريو ۽ ڇريو،
۽ پائين ٿو پاڪر پريو ۽ پريو.

جتي تو سڏيو آهي مونکي سجڻ،
مان ايندس اُتي ير وريو ۽ وريو.

صبح شام توکي سجڻ ساريان،
جيان پيو هِتي مان مريو ۽ مريو.

تون هر وقت منهنجي اکين ۾ رهين ٿو،
آهيان يار توکئہ ڇريو ۽ ڇريو.

سَندم ساهڦ ۽ سِرَ جو تُون ئي ڏَڻي،
ڏِسان پِيو آئون توکي ٺَريو ۽ ٺَريو.

رکي دل ۾ ياديون پيو ’**عاطف**‘ جيئي،
سنڌءِ ياد ۾ هت ڳريو ۽ ڳريو.

۲۰- ڊسمبر ۱۹۸۰، هالا

(١١)

منهنجو پيار آهين منهنجو يار آهين، منهنجو سهڻا سڄڻ دلدار آهين،
منهنجي جان آهين منهنجو ساهه آهين، منهنجو پيارا پرين منٺار آهين.

مون گهري آ خدا کان اهائي دعا، تنهنجي ٻانهن ۾ آئون يار جيان،
۽ لطف اچي تنهنجي ٻانهن ۾، رڳو تون ئي تہ منهنجو يار آهين.

پنهنجي ٻانهن ۾ مونکي تون رکجان، تن ٻانهن ۾ آئون جيان ۽ مران،
هيءَ عمر وڃي تن ٻانهن ۾، تون ئي منهنجي گلي جو هار آهين.

توکي آڻي خيالن ۾ پنهنجي، وينو توکي رڳو مان يار ڏسان،
توسان سور سليان تنهنجا سور ٻڌان، منهنجو تون ئي سڄڻ غمخوار آهين.

مونکان دور رهين تون منهنجا پرين، اهو وقت آ مون لا قيامت جو،
پري مونکان نہ ٿي منهنجي ويجهو اچ، تون ئي پيارا پرين منهنجو پيار آهين.

ڀلي دنيا ڳالهيون هزار ڪري، تون منهنجي وفا تي يقين رکجان،
آئون تنهنجو آهيان تنهنجو رهندس، تون ئي منهنجي اکين جو ٺار آهين.

جڏهن منهنجو هٿ تو جهليو هٿ ۾، تڏهن ڪان ئي سنڌءِ '**عاطف**' آئون ٿيس،
جهلي قابو وري تون نہ هٿ ڇڏجان، منهنجو تون ئي سڄڻ آڌار آهين.

٢٠- ڊسمبر ١٩٨٠، هالا



(١٢)

اوهان سان ملڻ لاءِ بيتاب آهيان،
مِلي پر وڃن گر توهان ڏي ئي ڪاهيان.

سندم بي وسيءَ تي رُنو آسمان اڄ،
عجب مان ڏٺئين پي تہ ڪيئن زنده آهيان.

هي برسات مونکي ستائي ٿي هر هر،
ڀلا ڪنهن جي سامهون وڃي هن تي داهيان.

ڪري ياد مونکي رُنو تو بہ هوندو،
پري توکان ٿي يار خوش مان بہ ناهيان.

ڪري پاڻ کي تنهنجي نالي ڇڏيو مون،
خبر ڪنهنکي کهڙي تہ ڇا ٿو مان چاهيان.

هلي آ هتي تون يا مونکي سڏي وٺ،
سڄڻ تنهنجو '**عاطف**' تہ آئون ئي آهيان.

٢- ڊسمبر ١٩٨٠، هالا

(۱۳)

ضرورت هئم جنهنجي سو پيار مليو،
گهريم جو خدا کان اُهو يار مليو.

جڏهن هن محبت مان مُرڪي نهاريو،
تڏهن کان ئي مون کي هي سنسار مليو.

محبت مان هن مون کي پاڪر آ پاتو،
مون چاهيو ٿي جيڪو اهو هار مليو.

سِوا هن کان يارو ڪيڏهن ڪونہ ويندس،
ضرورت هُئي جنهنجي سو منٺار مليو.

خدايا اسان تي ڪرم ڪر سدائين،
سندءِ مهربانيءَ سان غمخوار مليو.

بلند تخت '**عاطف**' آهين هن جهان ۾،
وفادار محبوب دلدار مليو.

**۲- ڊسمبر ۱۹۸۰، هالا**



(۱۴)

اوهان کان ڏار حالت عجيب آ دل جي،
نگاه ۾ رڳو آهي تلاش منزل جي.

نگاهون منهنجون سدائين اوهان کي ڳولهين ٿيون،
اوهان جي تاهيو تہ پو ڳالهہ ڪهڙي محفل جي.

ڇڏي هي دنيا سموري لڳس اوهان جي پٺيان،
مڃيم شروع کان وٺي هر صلاح هن دل جي.

مون پنهنجي ڳالهہ ڇڏي آ اوهان جي سامهون سڄڻ،
مونکي نہ آهي ضرورت ڪا ڪنهن بہ عادل جي.

سفر ۾ ساٿ رهيو گر اوهان جو مون سان صنم،
تہ پوءِ پروا ئي ناهي ڪا ڪنهن بہ مشڪل جي.

جدا اوهان کان نہ ٿيندو سڄڻ ڪڏهن '**عاطف**'،
پلي صلاح ملي مونکي ڪنهن بہ عاقل جي.

**۲۲- ڊسمبر ۱۹۸۰ع، هالا**

(١٥)

اکڙين ۾ تون رهين ٿو دل ۾ بہ تون وسين ٿو،
آهيان مان تنهنجو سڀ ڪجهہ پو دوُر ڇو رهين ٿو.

توکي يقين آهي منهنجي وفا تي پيارا،
ماڻهون چون ٿا جيڪي انهن جي ڇڏ ٻڌين ٿو.

ديوانگي سڏيان يا هن کي چوان مُحبت،
هر هنڌ ڏسان ٿو توکي خوابن ۾ تون اچين ٿو.

دنيا جي پروا ڇالاءِ ڪريون اي يار پيارا،
دنيا ڪري ڇا سگهندي ان کان تون ڇو ڊڄين ٿو.

منهنجي اکين سان ڪو پيو توکي ڏسي تہ سمجهي،
اي منهنجا پيارا دلبر منهنجو تون ڇا لڳين ٿو.

تنهنجي ئي مست نظرن ديوانو آ بنايو،
اڄ مرڪي مرڪي مونکي ماري تون ير ڇڏين ٿو.

ان وقت هن جهان کان بيگانو مان ٿيان ٿو،
جنهن پل اچي تون ويجهو مونکي ڪلي ڏسين ٿو.

منهنجو آ چَين تو وٽ منهنجو آ ساهہ توسان،
آهين تون يار '**عاطف**' پو دير ڇو ڪرين ٿو.

٢٦- ڊسمبر ١٩٨٠ع، هالا



(١٦)

هَزارين سال جِيو خوش رَهو عَزيزن سان،
سَدائين پيار ڪريو پنهنجي هِت رفيقن سان.

توهان جي دل ۾ سڀن لاءِ آهي پيار سدا،
توهان جو ساٿ رهيو آهي هت غريبن سان.

هي سُور، درد ۽ غم سڀ توهان کان دور هجن،
گهرون دعائون سدائين ٿا فقيرن سان.

دعا ڪري ٿي توهان لاءِ هرڪا دل حساس،
توهان نہ پيائي رکي آ ڪڏهن قريبن سان.

توهان جو سايو رهي شل سدا اسان جي مٿان،
ملي ٿو پيار توهان جهڙو هت نصيبن سان.

دعا گهري ٿو خدا کان توهان جي لئہ '**عاطف**'،
سدائين خوش ٿي رهو پنهنجي هت حبيبن سان.

٢٦- ڊسمبر ١٩٨٠ع، هالا

نوٽ: هي غزل طالب الموليٰ سائين تان لکيو اٿم.
'عاطف'

(١٧)

کڏهن ڪانہ ٿيندي اسان ۾ جدائي،
ڀلي زور لائي هي ساري خدائي.

اسان پيار ۾ پوڄيو هڪ ٻئي کي،
اسان ڌار آ هڪڙي دنيا وسائي.

ازل کان وٺي هڪ ٻئي کي ٿا چاهيون،
سوا هڪ ٻئي جي نہ ٻي ڪا بہ وائي.

نہ دولت کپي سون نہ دنيا کپي سون،
کپي ٿي فقط يار جي آشنائي.

ڇڏي دين دنيا ٿياسون سڄڻ جا،
اسان پنهنجي دل آ سڄڻ سان ملائي.

نہ ڪنهن کي چئون ٿا نہ ڪنهن جي ٻڌون ٿا،
اسان پرت ۾ ريت ساڳي هلائي.

دعائون ڪريون پيا سڀن کي سدائين،
اسان جي دلين ۾ نہ آهي برائي.

ڀلي آزمايو اسان جي محبت،
وري پوءِ ڏسجو اسان جي چريائي.

اسان جي دلين ۾ نہ ڪنهن لءِ عداوت،
نہ ڪنهن لءِ برائي نہ ڪنهن لءِ ڀيائي.

اسان پيار ۾ پاڻ کي آ پڇايو،
سدا چاهيون ٿا سڀن جي ڀلائي.

محبت ڪندي هت ڏسي ڪونہ سگهندي،
اي '**عاطف**' هي دنيا سڙي ٿي اجائي.

٢٦- ڊسمبر ١٩٨٢ع، هالا



(١٨)

بادل بہ آهن بيٺا منظر هي سهانو آ،
عاشق هي سنڌءِ هردم هت غم جو نشانو آ.

مونکي ٿا ڏسن بادل حيرت مان هتي هر هر،
بس آئون جلان پيو ۽ خوش سارو زمانو آ.

موسم کي ڏسي آئون پريان پيو رڳو آهون،
ساجن کان سواءِ هاڻي دنيا تہ ويرانو آ.

هڪ سال اجا دوري هي پيار جي مجبوري،
سوچيان پيو رڳو سڄڻا هي ڪهڙو بهانو آ.

هڪ ڏينهن نٿو گذري ڪئن سال گذاريندس،
سڀ توکان جُدا مونکي چوندا تہ ديوانو آ.

معشوق تہ هوندا سڀ هن وقت عشاقن وٽ،
تون دُور رهين مون کان هي غم جو بهانو آ.

توئي تہ چيو هو هي مونکان نہ پري رهجان،
ڇو دير ڪرين پيو تون هي ڪهڙو فسانو آ.

تو وٽ بہ آهن پيارا ماضيءَ جا حسين لمحا،
مون وٽ بہ تہ تو وانگر يادن جو خزانو آ.

ڌن دولت، دنيا ۽ دستور زماني جو،
'**عاطف**' هي سنڌءِ اڄڪلهہ هي شيءِ کان بيگانو آ.

٢٦- ڊسمبر ١٩٨٠ع، هالا

## (١٩)

اڪيون ترسن پيون توکي ڏسڻ لئہ، ۽ حالت بد کان بدتر ٿي رهي آ،
ذهن ۾ صرف صرف آ تنهنجو تصّور، ۽ دل توسان ملڻ لئہ چئي رهي آ.

سندم دل جي هرهڪ ڌڙڪن ۾ آهين، هرهڪ ساه ۾ تون ئي سمايل،
سندم نس نس ۾ تنهنجو پيار آهي، سندم دل تنهنجي لئہ ترسي رهي آ.

نہ ڪنهن دستور جي آهي ڪا پروا، نہ ڪوئي دين دنيا سان تعلق،
نہ ڪا خواهش هنن محلن جي آهي، نہ مونکي چاهہ دولت جي رهي آ.

سندم حسرت آ توسان گڏ گذاريان، سڄي دنيا کي تو وٽ مان جهڪايان،
سدائين آئون تنهنجو يَر چوايان، تمنا دل ۾ هي باقي رهي آ.

صنم مونکي سدائين ياد رکجان، زماني کان ڊڄي هرگز نہ هٽجان،
محبت ۾ تہ بدنامي بہ ٿيندي، اها بدنامي اڄڪلهہ ٿي رهي آ.

ڪئين دشمن آهن دنيا ۾ هر هنڌ، انهن ۾ ڪجهہ پرايا ۽ ڪي پنهنجا،
ڀلي هو زور لائن پيا هزارين، نہ ڦرندي دل جا تنهنجي ٿي رهي آ.

جڏهن دنيا نهڻ جو حڪم مليو، تڏهن کان ئي خدا جو فيصلو ٿيو،
تہ تون ۽ مان زمين تي هڪ ٿي رهندا، انهيءَ جي ابتدا اڄ ٿي رهي آ.

سندم شهہ رڳ کان ويجهو تون رهين ٿو، سندم اکڙين ۽ دل ۾ ئي رهين ٿو،
سڄڻ مون ۾ رهين تون ئي سمايل، سندم هي زندگي تنهنجي رهي آ.



ڪرين دنيا جي چو ٿو ڳالهہ دلبر، چوي پئي جيڪو ڪجهہ ان کي چوڻ ڏي،
سندم سر ساهہ آهين تون ئي مٺڙا، سندم جند جان توسان ئي رهي آ.

ڀلا توکي ڇڏي ڪيڏنهن مان ويندس، سندم تون ئي تہ آهين يار سڀڪجهہ،
جنم ورتو آ مون تولاءِ پيارا، مونکي پروا فقط تنهنجي رهي آ.

سڄي دنيا ۾ هڪ تون ئي تہ آهين، سنڌءِ خاطر ڪٺان پيو ساهہ هت مان،
سڄي سنسار ۾ تنهنجو ئي آهيان، هي ڳالهيون سڀ سندم دل چئي رهي آ.

سڄڻ سهڻا سدائين ياد رکجان، ڀلي دنيا چوي مون کي نہ ڇڏجان،
آهين دولت ۽ دنيا تون ئي منهنجي، سندم اُلفت تہ تنهنجي ئي رهي آ.

سڄڻ '**عاطف**' سان تون هردم وفا ڪر، ڀلي دنيا سڙي هن کي سڙڻ ڏي،
سندم تقدير ۾ تون تہ آهين، سندم تقدير تنهنجي ئي رهي آ.

٩- فيبروري ١٩٨١، هالا

(٢٠)

جُدا توکان جاني آئون جي چا کندس،
سوا توکان مئڙا رهي چا کندس.

ڏنو مون آ تَوڏي آزل کان وٺي،
سِوا توکان ٻئي ڏي ڏسي چا کندس.

رڳو تون سمايل آهين ذهن ۾،
سوا توکان کنهن سان کِلي چا کندس.

کيو آهي قابو ڏئي قرب تو،
پين ساڻ ياري رکي چا کندس.

سندءِ واسطي منهنجي هر کا وفا،
ڀلا آئون توکان ڦري چا کندس.

سِوا توکان منهنجي نظر ۾ نہ کو،
پين ڏي نگاهون کڻي چا کندس.

جهکيو تنهنجي ساموں آهيان مان رڳو،
پين جي اڳيان پو جُهکي چا کندس.

سڄي هن جهان ۾ سندم آهين تون،
اُميدون پين ۾ رکي چا کندس.



مون کي مئہ پياري اکين سان آ تو،
جهان جي شرابن کي پي چا کنددس.

سندم دنيا آهين سڄڻ سائين تون،
ڀلا پو زمانو گهمي چا کندس.

سندءِ لال لب کي چُمي مون ڏنو،
ڀلا ٻي بہ کا شئي چکي چا کندس.

سڄڻ يار 'عاطف' جي منزل بہ تون،
تہ پو قافلن سان هلي چا کندس.

٩- فيبروري ١٩٨١، هالا

(۲۱)

عاشق بہ تو ڪيو آ شاعر بہ تو ڪيو آ،
باطن ۾ هوس آئون باطن بہ تو ڪيو آ.

مونکي خبر نہ هُئي ڪا ڇا پيار ٿيندو آهي،
اُلفت ۾ يار مونکي ماهر بہ تو ڪيو آ.

هن ڪائنات کان وڌ تنهنجو آ پيار مون لئہ،
اُلفت ۾ يار مونکي طاهر بہ تو ڪيو آ.

منهنجي دل و جگر ۾ تون ئي آهين سمايل،
مونکي اي منهنجا مٺڙا عاطر بہ تو ڪيو آ.

اڳ صبر و شڪر کان مان ناآشنا هئس پر،
ڏئي پيار ۾ جدائي صابر بہ تو ڪيو آ.

آئون هئس هميشه هر عام انسان جهڙو،
مونسان ڪري محبت ساحر بہ ٿو ڪيو آ.

رنج و الم جهان جي مونکي گهڻو ستايو،
پر پيار ڏيئي مونکي صابر بہ تو ڪيو آ.

مون زندگيءَ ۾ ڪنهن جي ساهمون نہ ڪنڌ جهڪايو،
پنهنجي اڳيان جهڪڻ لئہ قاصر بہ تو ڪيو آ.

تو جهڙو يار مليو مون شڪر ڪيو خُدا جو،
مطلب تہ ٿيو اهوئي شاڪر بہ تو ڪيو آ.

’**عاطف**‘ هئوئي هاريل دنيا جي رنج و غم کان،
اڪثرين مان مئي پياري ناصر بہ تو ڪيو آ.

۱۱- جنوري ۱۹۸۱ع، هالا



(۲۲)

دل هئم هڪڙي ڏني ٿم سا تہ پنهنجي يار کي،
زندگي سمجهان ٿو آئون هن مٺي دلدار کي.

رات ڏينهن ۾ صبح و سانجهي هت پري هن کان گهڻو،
”ياد هردم ٿو ڪريان پنهنجي مٺي منٺار کي.“

هن کي ساهمون پنهنجي آٽي ان جي قدمن ۾ رهي،
پو رڳو وينو ڏسان هن حسن جي سرڪار کي.

هُوئي منهنجي زندگي ۾ هُوئي منهنجي بندگي،
پو پيلا آئون ڪريان ڇا هن سڄي سنسار کي.

هر گهڙي ڦٿڪان پيو آئون ياد دلبر کي ڪري،
وقت ٿي ويو آ گهڻو محبوب جي ديدار کي.

ياد هن جيءَ سان ئي اڄ تائين مان زنده آهيان،
۽ پيلا پوءِ ڪيئن وساريندس انهيءَ جي پيار کي.

پيار سان منهنجي سڄڻ مونکي لڳايو هو گلي،
ياد آئون پيو ڪريان ٻاهن ٻنهي جي هار کي.

آرزو آهي سندم سهڻي جي قدمن کي چمان،
آئون رکندس ياد هردم دوستي ۾ يار کي.

زندگي ۾ آ ضرورت هڪ فقط هن يار جي،
ياد ’**عاطف**‘ رکندو هردم هن مٺي منٺار کي.

۱۱- جنوري ۱۹۸۱ع، هالا

(٢٣)

اُداسائي ٿي ختم آيو جڏهن مطلوب محفل ۾،
فقط مون ساڻ هو سهڻو هئو منسوب محفل ۾.

اچڻ کان هن جي پهرين سڀن سوچيو پي تہ ڇا هوندو،
"سڀئي حيران ٿيا آيو جڏهن محبوب محفل ۾."

انهيءَ محفل ۾ هر پاسي هزارين حُسن وارا هئا،
مگر سڀني جي وچ ۾ هو لڳو پي خوب محفل ۾.

جڏهن سهڻي محبت مان ڪلي مون ڏي ڪنيو اکڙيون،
انهي دم کان وٺي ان جو ٿيس مرغوب محفل ۾.

سڄي محفل ڪيو ٿي رشڪ منهنجي خوش نصيبيءَ تي،
سڀن سامهون ڪلي مونسان مليو محبوب محفل ۾.

سرِ محفل ڪيو اقرار هن مون سان محبت جو،
چيائين آهيان '**عاطف**' جو رڳو محبوب محفل ۾.

**١٥- جنوري ١٩٨١ع، هالا**



(٢٤)

مونکي تنهنجو قسم تون ئي منهنجو صنم،
توسان اُلفت ڪرڻ منهنجو پهريون آ ڪم.

آئون تنهنجو آهيان تون يقين رک اهو،
ءِ ڏئي ڇڏ مونکي سندءِ ساروئي غم.

منهنجي چاهت بہ تون منهنجي پوڄا بہ تون،
تنهنجون پياريون اکيون ٿيڻ ڏيندس نہ نم.

مون نگاهون کڻي صرف توکي ڏٺو،
صرف توڏي ئي وڌندو سندم هر قدم.

تنهنجو ديدار ئي منهنجي طاعت اٿئي،
مونکي بخشيو آ تو لئہ خُدا هي جنم.

آئون توکان جُدا جي نہ سگهندس ڪڏهن،
منهنجو آهي سڄڻ تنهنجي دم سان ئي دم.

پاڻ کي دنيا وارا الڳ ڇا ڪندا،
پاڻ تي آهي پنهنجي خدا جو ڪرم.

تنهنجي لئہ ڏن تہ ڇا هن جهان کي ڇڏيان،
سهندو '**عاطف**' سندءِ ڪاڻ هرڪو ستم.

**١٢- جنوري ١٩٨١ع، هالا**

(۲۵)

لال لب ۾ مست نظرن سان نهوڙي تو ڇڏيو،
مونکي پنهنجي مشڪين زلفن ۾ وڪوڙي تو ڇڏيو.

تنهنجي جلون پهرين مونکي هوش ڪان ٻاهر ڪيو،
قهر آهي پنهنجي زلفن کي ٻہ ڇوڙي تو ڇڏيو.

مون ڪئي توسان وفا توکي خبر آهي اها،
پيار ۾ منهنجا مٺا مونکي پروڙي تو ڇڏيو.

منهن جي تنهنجي وچ ۾ هو دنيا جو هڪ ليڪو لڳل،
پر ڪري مونسان وفا ليڪي کي ٽوڙي تو ڇڏيو.

مون بنايو آ وفائن جو حَسين پختو محل،
۽ وري ان ۾ سڄڻ خود ڪي ٻہ جوڙي ٿو ڇڏيو.

عشق ۾ دنيا ڇڏي مونسان ڪئي آ تو وفا،
هن زماني جي اصولن کي ٻہ موڙي تو ڇڏيو.

تنهنجون واٽون تنهنجا رستا تنهنجو '**عاطف**' پيو ڏسي،
قلب ۾ هي عشق جو اڄ تير ڪوڙي تو ڇڏيو.

**۱۱- جنوري ۱۹۸۱ع، هالا**



(۲۶)

اڄ منهنجا سڄڻ ڪري مون تي ڪرم،
ڇڏي دنيا رک اُلفت جو ڀرم.

منهنجو جيون تو لئہ آهي فقط،
تنهنجي ياد سوا ناهي مونکي ڀيو ڪم.

مون پنهنجون خوشيون آهن توکي ڏنيون،
تون تنهنجو مونکي ڏي سارو ئي غم.

سڀ وعدا ڪيل آئون پُورا ڪندس،
مونکي تنهنجي سر جو آهي قسم.

منهنجي هر ڪا خوشي آهي توسان سڄڻ،
منهنجي دل ۾ فقط تون ئي آهين صنم.

شب روز سنڌءِ سڪ ۾ پيو سڪان،
جي سڄڻ نہ ايندين تہ ويندو دم.

مان توسان سدائين وفا پيو ڪندس،
پو لوڪ ڀلي ڪري مون تي ستم.

تنهنجو '**عاطف**' توڏي وڏندو مٺا،
پري توکان سڄڻ ڪونہ ڪٽندو قدم.

**۱۵- جنوري ۱۹۸۱ع، هالا**

(٢٧)

اهو عشق پيارا لکڻ وارو ناهي،
زماني سڄي کي خبر پنهنجي آهي.

تون منهنجو آهين ۽ مان تنهنجو ئي آهيان،
نہ پوءِ هن جهان جي ڪا پرواهه چاهي.

اسان جي ملڻ تان زمانو سڙي ٿو،
پلي پيو سڙي ڪنهن جي پرواهه ناهي.

سڄڻ پيار ۾ ٿيندي رسوائي آهي،
نہ هٽبو پلي ڪو فسانو پيو ٺاهي.

زمانو پلي پاڻ کي آزمائي،
محبت تي بيٺا آهيون لاهي پاهي.

ڪيو آ مون توسان نڀائڻ جو وعدو،
انهيءَ قول کي پورو ڪرڻو ئي آهي.

وڏي عشق ڏي مون ڇڏيو عقل آ،
اچي رسبو تو وٽ سڄڻ ڪاهي ڪاهي.

اکين ۾ ذهن ۾ ۽ دل ۾ رڳو تون،
سوا تو کان تنهنجو چريو ڇا ٿو چاهي.

نہ ڇڏجان سڄڻ آهي '**عاطف**' هي تنهنجو،
وڏيو آهي تو ڏي سيني خوف لاهي.

١١- جنوري ١٩٨١ع، هالا



(٢٨)

رکي ناتو ان کي نڀائڻ اچي ٿو،
پراون کي پنهنجو بنائڻ اچي ٿو.

جهان کان مليل غم ڪبا ڪونہ ظاهر،
سڄڻ سور دل ۾ لڪائڻ اچي ٿو.

پلي زور لائي زمانو هزارين،
اسان کي سڄڻ جو چوائڻ اچي ٿو.

نڪو ڊپ آ ڪنهن جو نڪا ڪنهنجي پروا،
اسان کي زمانو جهڪائڻ اچي ٿو.

وڏي پرت ۾ پوئتي ڪونہ پئبو،
نڪوئي قدم کي هٽائڻ اچي ٿو.

ڇڙي پنهنجا پوندا مگر ڪيستائين،
وري پو انهن کي مڃائڻ اچي ٿو.

اچا عشق جي ابتدا آهي يارو،
انهيءَ کي وفا سان نڀائڻ اچي ٿو.

محبت جي باهن جي مون کي خبر آ،
ڪري پيار خود کي پچائڻ اچي ٿو.

توهان آهي '**عاطف**' جي چپ کي ڏٺو پر،
ڪچياسين نہ سڀ ڪجهه ٻڌائڻ اچي ٿو.

١٧- جنوري ١٩٨١ع، هالا

(۲۹)

مان تنهنجي ئي سهاري جيئندس سدا اي سهڻا،
تون هر قدم تي مون سان ڪر پيو وفا اي سهڻا.

مون کي ڪڏهن نہ ڇڏجان منهنجو سدائين رهجان،
بي چين ڌڙڪنن جي هيءَ آ سدا اي سهڻا.

جيڏهن اکيون ڪڻان ٿو توکي ئي ير ڏسان ٿو،
توئي ڪيو آ زخمي تون ئي دوا اي سهڻا.

تنهنجي فراق مون کي آهي چريو بنايو،
ڇا جي ڪندس ڀلا مان توکان سوا اي سهڻا.

موليٰ جي هيڪڙائي تسليم ٿو ڪريان مان،
انهيءَ کان پو مجازي آهين خدا اي سهڻا.

خوابن ۾ تون ئي آهين چاهت سندم آ تو سان،
تو کان سواءِ جهان ۾ چاهي ڀلا اي سهڻا.

منهنجي سڀئي خوشي آ تنهنجي خوشين سان پيارا،
ذڪر آ زبان تي دلبر تنهنجو سدا اي سهڻا.

آهي دعا هميشه گڏ گذري زندگاني،
مون کان ٿجان نہ هرگز ير تون خفا اي سهڻا.

’**عاطف**‘ تہ آهي تنهنجو تو سان ئي زندگي آ،
ڪيئن ساهہ آئون ڪڻندس توکان جدا اي سهڻا.

۱۷- جنوري ۱۹۸۱ع، هالا



(۳۰)

سڄڻ جي ياد کي آهي مون پنهنجي زندگي سمجهيو،
جهان وارن انهيءَ کي منهنجي آ ديوانگي سمجهيو.

ڪيو آهي سڄڻ وعدو نہ مونکان هو جدا ٿيندو،
خويءَ مان مون ڏٺو هن ڏي ۽ هن حيرانگي سمجهيو.

مان چاهيان ٿو گذاريان زندگي هن جي ئي قدمن ۾،
انهيءَ جي ديد کي آهي مون پنهنجي بندگي سمجهيو.

رڳو هر وقت پيو سهڻي سڄڻ جي لئہ دعا ڪريان،
”مون جنهنجي ذات کي هر وقت پنهنجي زندگي سمجهيو.“

گهڻن ڏينهن کان پوءِ آئون ويس دلبر جي خدمت ۾،
خموشيءَ مان مليو مون سان ۽ مون ناراضگي سمجهيو.

ڏياريو مون يقين هن کي تہ ’**عاطف**‘ آ فقط تنهنجو،
ڪلي مون کي چيائين ان کي مون آ پختگي سمجهيو.

۲۵- جنوري ۱۹۸۱ع، هالا

(۳۱)

فراق تنهنجي بنائي ڇڏيو آ ديوانو،
تون ئي ئي ٻڌاءِ وڃي ڪيڏهن تنهنجو پروانو.

تنهنجي ئي هجر ۾ منهنجو آ هيڻو حال ٿيو،
سنڌءِ نہ هوندي لڳي ٿي هي دنيا ويرانو.

سيئي پڇن ٿا مون کان، تنهنجو حال هي ڪيئن ٿيو،
پلا ٻڌايان انهن کي آئون ڪهڙو افسانو.

اي يار پل بہ نٿو گذري هاڻ تو کان سواءِ،
وري خوشيءَ کان بہ ٿيندو وڃان پيو بيگانو.

گهڻو ئي پنهنجي محبت کي مخفي مون رکيو،
سڀيئي سمجهي ويا آهيان تنهنجو مستانو.

تُنهنجي عشق ۾ '**عاطف**' ڇڏيو آ هر شئي کي،
۽ تنهنجي خدمت ۾ دل ڏنائين نذرانو.

۲۵- جنوري ۱۹۸۱ع، هالا



(۳۲)

زندگي ڪيئن گذرندي اي دلربا توکان سواءِ،
ان کان پهرين مون گهري اهي مرڻ جي لئہ دعا.

مون تہ چاهيو آهي سهٽا توسان گڏ زنده رهان،
۽ وري توسان مران هي ڏئي رهي آ دل صدا.

منهنجون خوشيون توکي ۽ تنهنجا ملن سڀ غم مونکي،
نيت هڪڙي ڏينهن منهنجي هي دعا ٻڌندو خُدا.

هڪ طرف بس تون هجين ۽ ٻئي طرف دنيا سڄي،
آئون ايندس توڙي ۽ دنيا سان منهنجو آهي ڇا.

هئس تنهنجو آهيان تنهنجو، تنهنجو ئي رهندس سداءِ،
آزمائي ڏس مون کي منهنجي آ توسان ئي وفا.

تنهنجي اُلفت جي سهاري ئي تہ '**عاطف**' زنده آهِ
مان پلا پو ڇا ڪندس مونکان جي ٿيندين تون خفا.

۲۷- جنوري ۱۹۸۱ع، هالا

(٣٣)

اي جانِ غزل اي جانِ وفا، تون مون کان ٿجان هرگز نہ خفا،
او منهنجا پرين او منهنجا مٺا، آئون توسان ڪندس پيو سدائين وفا.

منهنجو دين ايمان آهين پر تون، منهنجو ساهہ ۽ مانُ آهين ير تون،
منهنجي جند ۽ جان بہ تون ئي آهين، جي سگهندس ڪونہ مان توکان سوا.

منهنجي دل ۾ تون هر وقت آهين، منهنجي اکڙين ۾ ٿو تون ئي وسين،
منهنجي ذهن تي ڇانيل آهين تون، مون کي آهي رڳو تنهنجي سار سدا.

ڪڏهن صبح هجي يا شام هجي، هر وقت پيو توکي ياد ڪريان،
۽ خوابن ۾ توکي ٿو ڏسان، تولاءِ سندم دل آهي صفا.

منهنجي سيج رڳو آهي تنهنجي لئہ، تنهنجو گهونگهٽ فقط آهي مون لئہ،
سڀ وعدا ڪندس مان پنهنجا وفا، توکي ڪونہ ڪندس آئون يار خفا.

دنيا وارا مون کي ٿا چون، تنهنجو يار دغا ڏيندو توکي،
اڻ ڄاڻ آهن هو ڇا ڄاڻن، اُلفت ۾ ٿيندي ناهي دغا.

منهنجو وعدو ڪيل آهي توسان، جيئندس توسان مرندس توسان،
مونکي تنهنجو قسم جنت نہ ملي، جي توسان ڪريان مان يار جفا.

منهنجي قسمت ۾ رڳو تون آهين، پيو ڪو ناهي ير توکان سوا،
اڄ '**عاطف**' ڏي تون قرب ڪري، هر ڌڙڪن جي هيءَ آهي صدا.

٢٩- جنوري ١٩٨١ع، هالا



(٣٤)

سنڌ ۽ صبح ۽ شام اٿم سا پيارا،
سندم زندگي تون آهين يار پيارا.

ملي جي وڃن مونکي تنهنجا سڀئي غم،
پو پيو ڇا کپي مون کي منٺار پيارا.

سوا توکان سهڻا نٿو وقت گذري،
اچي مون ڏي مون کي ڏي ديدار پيارا.

آهيان يار تنهنجو سڀن کي خبر آ،
سنڌ سڀئي ڪٽندس انگل آر پيارا.

خبر ڪهڙي دنيا کي منهنجي اندر جي،
رڳو چاهيان ٿو سنڌ پيار پيارا.

محبت ۾ دنيا جي پروا نہ ڪر تون،
گلن ساڻ ٿيندا آهن خار، پيارا.

زماني جي ماڻهن گهڻئي آ ستايو،
مگر توکان '**عاطف**' نہ ٿيو ڌار پيارا.

٣٠- جنوري ١٩٨١ع، هالا

(۳۵)

آئون پياسو آهيان جنهن جي ديدار جو.
هو جي خود کي لڪائي ته پو ڇا ڪجي.
جنهنجي نيڻن ڪيو آهي مون کي ڇريو.
سوئي نظرون بچائي ته پو ڇا ڪجي.

جنهنجي خاطر ڇڏي مون هي دنيا سڄي.
جنهن کي پنهنجي بنائي اٿم زندگي،
جنهنجي اُلفت کي سمجهان ٿو مان بندگي.
جي اهوئي ستائي ته پو ڇا ڪجي.

هن کان ناراض ٿي خود پريشان آهيان.
۽ وري هاڻ ويٺو مان هي سوچيان،
”اڄ رُنل کي اگر هو گهرائي ڪٺي.
کو اسان کي ڀڏائي ته پو ڇا ڪجي.“

دل جو دلدار جيڪر گهرائي مون کي.
چاهه سان منهنجي ويجهو اچي هڪ ٿئي،
پنهنجي پر ۾ وهاري کي ڳالهيون ڪري.
کو بهانو بنائي ته پو ڇا ڪجي.

سپ ٿا چاهين هن کان پري مان رهان.
کو ڀڏائي جدا هن کان ٿي ڪيئن جيان،
هن جو مون سان ملڻ آ ازل کان لکيل.
خود ئي قدرت ملائي ته پو ڇا ڪجي.



پيار ۾ جيڪي دنيا آهن ڏک ڏنا.
سي اٿم سيئي سهڻل جي خاطر سٺا،
درد دل جي دوا جنهن کي سمجهان ٿو مان.
سو ئي دل کي جلائي ته پو ڇا ڪجي.

پروسو رکبو ’**عاطف**‘ خدا ۾ سدا.
نيٺ هڪ ڏينهن منزل تي پهچائيندو،
مان سندس ئي سهاري هلان پيو مگر.
جي اهو ئي رلائي ته پو ڇا ڪجي.

۴- فيبروري ۱۹۸۱ع، ڪراچي

(۳٦)

سڄي هن جهان ۾ سندم تون ئي همدم،
سڄڻ هي يقين رکن آهيان تنهنجو هر دم.

سندم جيءَ ۾ جيڪو اٿم درد پيارا،
انهيءَ جو نه آهين فقط تون ئي مرهم.

هي دوري آ ٿوري وري نيٺ ملبو،
تون مضبو رک دل جهان جو نه ڪر غم.

نه ملياسون جيئري ته پو يار ڇا ٿيو،
مري نيٺ ملبو نه ڪر اکڙيون نم.

سندءِ ديد ئي منهنجي آهي عبادت،
توکي خوش رکڻ ئي ثوابن جو آ ڪم.

ڀلي دنيا وارا ستم ڪن هزارين،
نه هٽندو جو توڙي وڌايو قدم ٿم.

مان دنيا جا دستور توڙي ڇڏيندس،
مون کي تون نه ڇڏجان ڪڏهن منهنجا همدم.

سندءِ پيار ۾ آهي سڀ ڪجهه ڇڏيو مون،
نه توکي ڇڏيندس ڀلي لوڪ ڏي غم.

پري توکان '**عاطف**' مري ڪونه سگهندو،
پنهي تنهنجي ٻانهن ۾ ويندو سندس دم.

١٠- فيبروري ١٩٨١ع، هالا



(۳۷)

سندءِ مست نظرن سان پياري هليو وئين،
سندم دل کي ساجن تون ڳاري هليو وئين.

محبت کان پهرين نه جهڙو هئس مان،
ڪري پيار ان تي تون ماري هليو وئين.

اها رات آهي صنم ياد مون کي،
گلي سان لڳائي جياري هليو وئين.

مون توکي گهڻئي روڪيو پر نه بيٺين،
محبت سان مُرڪي نهاري هليو وئين.

ڪري واعدو يار آئين تون مون وٽ،
سندءِ واعدو پوءِ پاري هليو وئين.

اچڻ کان سندءِ اڳ هئا درد دل ۾،
سڪون دل کي تون ير ڏياري هليو وئين.

سڙي تنهنجو '**عاطف**' پيو آڙاهه ۾ هت،
محبت جي جا باه ٻاري هليو وئين.

١٠- فيبروري ١٩٨١ع، هالا

(۳۸)

منهنجو شان آهين منهنجو مان آهين.
تون ئي سهڻا سڄڻ منهنجي جان آهين،
منهنجو يار آهين دلدار آهين.
منهنجو پيارا پرين ايمان آهين.

پلا توکي ڇڏي مان وڃان ڪيڏهن.
دنيا ڏي وري ڇا لاءِ ڏسان،
منهنجو رشتو فقط تو ساڻ اٿئي.
منهنجو تون ئي تہ پيارا جهان آهين.

منهنجي جند ۽ جان بہ توسان آ.
منهنجي دل جو قرار بہ تو وٽ آ،
جدا توکان پلا ڪيئن زنده رهان.
تون ئي منهنجي جيئڻ جو سامان آهين.

ڏينهن رات رڙان پيو توکان پري.
منهنجو پل بہ سوا تو نٿو گذري،
هر روز مريو پيو يار جيان.
مون کان دور پلا ڇو جان آهين.

..... گل سان خوشبو گڏ ٿي رهي.
جيئن دل سان ڌڙڪين گڏ ٿي رهي،
جيئن آئون ۽ تون گڏ آهيون سدا.
تون منهنجي پريت جو شان آهين.



.... ڪجهہ بہ آهيان سو تنهنجي ڪري.
شاعر بہ توکي تو ئي آ ڪيو،
منهنجي سوچ جو مرڪز تون آهين.
منهنجي غزلن جو ديوان آهين.

هر ساهہ ۾ تنهنجي خوشبو اچي.
تنهنجي يادن ۾ '**عاطف**' پيو ڳري،
ايندين يار ڪڏهن تون قرب ڪري.
تون منهنجو سڄڻ ارمان آهي.

**۱۸**- فيبروري **۱۹۸۱**ع، هالا